**ساجده پروين**
ليڪچرار، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي

# سرريئلزم: سنڌي ادب تي ان جو اثر

# IMPACT OF SURREALISM ON SINDHI LITERATURE

**Abstract**

Surrealism is an artistic movement of 20th century. It's based on unconscious sources, which was depicted from Sigmund Freud's theory. Surrealist art shows illogical and unreasonable things in creation, the principles, ideals or practice of producing fantastic or incongruous imagery or effects in art, literature, film, or theater by means of unnatural or irrational juxta positions and combinations. From the 1920s onwards, the movement spread around the globe, eventually affecting the visual arts, literature, film, and music of many countries and languages, as well as political thought and practice, philosophy and social theory.

In 1980 when existentialism influenced on Sindhi literature many writers recompense the different type of philosophical movements in short stories and poetry. There are silent features of surrealism in the poetry of Malik Nadeem, Hassan Dars, Chander Keswani and so on. Surrealism is little bit a new imaginary world, which is less real but more true because truth has many shapes which can appear in different ways and images. Surrealism shows that our conscious is not able to understand every thing because it's only as an iceberg actual conscious is ocean . Creation is more complex because it is more unconscious production than conscious. Here in this paper we can see the active features of surrealism by definition and history. I have researched out also Sindhi writer's surrealistic approach in this paper.

سرريئلزم ﮨ جديد ادبي تنقيد جي مشهور تحريڪ آهي، جنهن جو بنياد يورپ جي سرزمين تي ويهين صديءَ جي شروعات ڪان پيو. سرريئلزم کي اردو ادب ۾ لاشعوريت ۽ سنڌي ادب ۾ ماورائيت جي وصف ۾ بيان ڪن ٿا. آڪسفورڊ ڊڪشنري ماورائيت بابت لکي ٿي:

"20 century movement in art and literature that tries to express what is in the subconscious mind by showing objects and events as seen in dreams etc." [-1]

ترجمو: ويهين صدي جي ادبي ۽ فني تحريڪ جنهن ۾ اهو اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ جيڪي مختلف شيون ۽ واقعا خواب ۾ ڏسجن ٿا انهن جي ذريعي اها خبر وٺي سگهجي ٿي تہ ماڻهو جي تحت الشعور ۾ ڇا آهي؟

لفظ سرريئلزم مرڪب آهي ، جيڪو سر ، ريئل ۽ ازم لفظن جو مجموعو آهي، جنهن جي معني آهي ، حقيقت کان ماورا يا حقيقت کان پرانهون يا beyond the real.

ويبسٽر ڊڪشنري ماورائيت بابت لکي ٿي تہ :

"A wonderful movement in art and literature in which an attempt is made to portray or interpret the workings of the unconscious mind as manifested in dream. It is characterized by an irrational, fantastic arrangement of material." [-2]

فن ۽ ادب جي هڪ حيرت انگيز تحريڪ جيڪا ماڻهوءَ جي لاشعور ۾ موجود ڪيفيتن ۽ شين جي نمائندگي غير عقلي ۽ غير منطقي ۽ خيالي طرح سان ڪري ٿي .

ان مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ ماورائي تحريڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت انسان جي تحت الشعور ۽ لاشعور کي آهي . انسان پنهنجي روزمره جي دنيا ۾ بي شمار نظارا ۽ واقعا ڏسي ٿو، ان سان گڏ ڪيترين ڳالهيون پنهنجي ذهن ۾ سوچي ٿو جيڪي سڀ تحت الشعور ۽ لاشعور ۾ موجود هونديون آهن ،انهن ئي ڳالهين کي انسان پيهر ڪڏهن خوابن ڪڏهن تخليق ذريعي اظهاري ٿو پر پيهر انهن ڳالهين جو اظهار ڪجهہ منجهيل ۽ تجريدي هوندو آهي . ماورائيت يا سرريئلزم اهڙي ئي منجهيل ۽ نا سمجهہ ۾ نہ ايندڙ خيالن واري تحريڪ جو نالو آهي. جڳ مشهور برٽينڪا انسائڪلوپيڊيا ۾ ماورائيت لاءِ لکيل آهي تہ :

"Surrealism was a means of reunite conscious and unconscious realm of experience so completely that the world of dream and fantasy world in a joined to the everyday rational world in an absolute reality, a surreality. [-3]

ترجمو : حقيقتن ، خوابن ۽ سراپن وچ ۾ روزمره زندگي جا عقلي ۽ قطعي حقيقي عڪس جيڪي شعوري ۽ لاشعوري تجربن تي مشتمل آهن ، انهن گڏيل عڪسن جو نالو سرريئلزم آهي

ماورائي تحريڪ جو منشور لکندڙ ۽ بنياد وجهندڙ اينڊري برٽن (Andre Breton) جو چوڻ آهي تہ :

"Psychic automation in its pure state, by which one proposes to express verbally by means of the written word, or in any other manner-the actual functioning of thought , dictated by the through in the absence of any control exercised by reason. Exempt from any aesthetic or moral." -4

ترجمو: لکيل يا ڳالهايل لفظن يا ڪنهن ٻي طرح جي عمل ۽ ان جي معنيٰ جو تعلق بنيادي طرح خودڪار نفسياتي رجحانن ۽ سوچن جي عمل دخل سان آهي.

بنيادي طرح سان اينڊري برٽن، سگمنڊ فرائيڊ جي تحليل نفسي واري طريقي کان تمام گهڻو متاثر هو . هو ادبي حقيقتن، عقليت ۽ معقوليت جي بجاءِ انسان جي لاشعور ۾ موجود بي پناهہ ، تخليقي ۽ تخيلاتي قوتن تي يقين رکندڙ هو.

مجموعي طور مٿئين وصفن جي روشني مان اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو تہ ماورائيت جو تعلق معروضيت جي بجاءِ انسان جي داخلي دنيا سان آهي ، جنهن ۾ منطق ۽ دليل جي بجاءِ، انسان جي لاشعور ۾ موجود بي ربط ، بي ترتيب، خيالن جو اظهار ملي ٿو اندر ۾ موجود احساسن ۽ جذبن جي پاڻ مرادي بي پناهہ اڇل جيڪا بغير ڪنهن اصول، قاعدي جي انساني لاشعور ۾ موجود تخيل جي دنيا جي آزاد اپٽار جو نالو آهي.

## ماورائي تحريڪ جو تاريخي پس منظر:

ماورائيت اصطلاح ڪي سڀ کان پهرياڻين يورپ جي ادبي دنيا ۾ 1917 ع ۾ متعارف ڪرائيندڙ شخص گئلم اپولينئر ( Guillaume Apollinaire ) هو هو مشهور فرانسيسي شاعر ، افسانہ نويسي ۽ ڊرامہ نگار ، ناول نگار ۽ ادبي نقاد هو . جنهن لاءِ ڪرسٽوفر بگس لکي ٿو:

"Guillaume Apollinaire coined the term in 1917 and Andre Breton, as the principal theoretician and chief propagator of the movement, immortalized it in his first surrealist manifesto published." -5

اينڊري برٽن 1924ع ۾ ماورائي تحريڪ جو منشور "The Surrealist Manifesto" لکي پڌرو ڪيو ، ان کان پوءِ ماورائيت باقاعدي ادبي تحريڪ طور سڃاتي ويئي . ڪجهہ تنقيد نگارن جو چوڻ آهي تہ ماورائي تحريڪ دادا ازم ۽ ڪيوب ازم تحريڪ مان پيدا ٿي، جنهن پهرين مهاڀاري لڙائي جي خطرناڪ ۽ خوفناڪ حالتن کي جنم ڏنو، جنهن ۾ انسان مايوسين ۽ ويڳاڻپ جي ڪن ۾ غوطا کائڻ لڳو . جنهن ڪري ماڻهو ۾ بغاوت جو عنصر زياده ابري آيو . اهڙي بغاوت جيڪا هر ڊسيپلين، سماجي قدرن ۽ ترتيب کان هجي اهڙي بغاوت جو عڪس توهان کي دادا ازم ، ڪيوب ازم ، وجوديت، ۽ سرريئلزم ۾ ملندو . هيءَ تحريڪ هر

مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي قدرن کان وانجهيل هئي . جنهن جو اهم مقصد ادب ۽ فن ۾ عقل جي بجاءِ لاشعوري تجريد کي پرڻ هو. انهيءَ ڪري فنڪار ڪڏهن مونااليزا کي منهن تي مڇون ناهي پيش ڪندا هئا تہ ڪڏهن ماڻهو جو منهن گانگٽ جهڙو ناهي ۽ سندس بدن وڻ جي ٽڙ جهڙو ناهي ڇڏيندا هئا. دادا ازم تحريڪ اهڙن بي ترتيب خيالن ، هسٽريائي ۽ منفي رجحانن سبب پنهنجو اثر وڃائي ويني. تخليقي سطح تي دادا ازم کان پوءِ سرريئلزم تحريڪ جو نهايت وسيع تحرڪ اثر نظر اچي ٿو. ڪيترائي ئي اديب جيڪي داداازم جا حامي هئا اهي سرريئلزم سان وابستہ ٿي ويا.

اندري بريٽن جو چوڻ هو تہ انساني دماغ منطق ۽ دليلن کان آزاد هئڻ گهرجي، انهيءَ ڪري هن پهرين فطرت جي قوتن ۽ عقلي قوتن جي خلاف آزاد فن جو اعلان ڪيو . يورپ ۾ ماورائي تحريڪ جو اهم مرڪز پئرس رهيو. پر جلدي ئي ماورايت پوري دنيا ۾ ادبي، موسيقي، مصوري، فلسفياٽي، سياست، ۽ ٻولي جي تحريڪ بنجي اڀري.

## ماورائي تحريڪ جو منشور:

ماورائي تحريڪ جو منشور تاريخ ۾ بہ دفعا لکيو ويو پهريون 1924 ع ۾ اينڊري بريٽن پاڻ لکيو تنهن کان پوءِ مختلف سرريئلسٽ اديبن گڏجي اينڊري بريٽن جي رهنمائيءَ ۾ لکيو. هن منشور جو بنيادي نڪتو اهو آهي تہ ٻن مختلف حقيقتن کي مظبوط تخيل ذريعي اهڙيءَ ريت ڳنڍيو وڃي جو ٻنهي هڪ نئين انوکي شئي جنم وٺي سگهي . مثال طور انسان جي منڊيءَ کي مڇيءَ جي ڏڙ سان ملايو وڃي تہ هڪ نئين حقيقت جو جنم ٿئي ٿو. اهڙي ريت اينڊري بريٽن ماورائي ادب جا جيڪي جزا بيان ڪيا آهن انهن جو جوهر اهو آهي تہ ادب ۽ فن ۾ اهڙي تخليق جيڪا شعور ۽ لاشعور جي وچ واري خماريل ڪيفيت دوران ڪئي وڃي ۽ ان تخليق مان عجيب ۽ حيرت ٿئي پر ڪنهن حتمي نتيجي تي پهچي نہ سگهجي . ماورائيت جو بنياد اهو آهي تہ تخليق مان زندگي جي مخلتف حقيقتن جي واضح تصوير بجاءِ ڏنڏلا، منجهيل ۽ اشاريت سان پرپور عڪس جهڙا عنصر نمايان طور جهلڪندي محسوس ٿين . اينڊري برٽين ماورائيت جي منشور ۾ لکي ٿو تہ:

"The image is a pure creation of the mind it cannot be born from a comparison but from juxtaposition of two more or less distant realities. The more the relationship between the two juxta-position realities is distant and true the stronger the image will be ……………………..” -6

ترجمو: ”عڪس دماغ جي خالص تخليق آهي جيڪو شين جي ڀيٽ مان نہ پر ٻن مخلتف فاصلي تي موجود حقيقتن جي وجهڙائي ۽ قربت مان جنم وٺي .

جيترو ٻن مختلف حقيقتن جو فاصلو هوندو اوترو ئي سگهارو عڪس ٺهندو“

## سنڌي ادب ۾ ماورائيت :

دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب ۾ هر فڪري ادبي تحريڪ جا ڪي نہ ڪي اهڃاڻ موجود هوندا آهن . اسان ڏٺو تہ ماورائيت لاشعور سان وابستہ تڙيل پکڙيل منجهيل ۽ ڏنڏلن عڪسن ۽ خيالن جي عڪاسي ڪري ٿي . سنڌي ادب جو ان حوالي سان مطالعو ڪنداسين تہ اوائلي دور ۾ جنن ، ديون، پرين ، اڏامڪٽولي جادوئي شيشي ، جادوئي مڻ، سليماني ٽوپي، وغيره جي ذڪر ۾ ماورائيت موجود آهي جو تہ اهي پراسرار عڪس آهن جيڪي خالص انساني تخيل جي پيداوار آهن . اهي مافوق الفطرت ماورائي تاثر پيدا ڪن ٿا ان حوالي کان ڊاڪٽر گيانچند لکي ٿو تہ :

” حالانڪ جديد دور ۾ مافوق الفطرتي عنصرن تي ٺوڪون ڪيون وڃن ٿيون،پر قديم ادب ۽ ڪلاسيڪي ادب ۾ ڏٺو وڃي تہ مافوق الفطرتي عنصر عام جام ملندا“. -7

جديد ادب ۾ شيخ اياز پنهنجي ٻن ڪهاڻين لاءِ دعوي ڪئي هئي تہ اهي ماورائيت (Surrealism) جي خاني ۾ اچن ٿيون.

”منهنجون باقي ٻہ ڪهاڻيون ”ڪارو رنگ“ ۽ ”شرابي“ ان ادب جو مثال آهن، جنهن کي يورپ ۾ ماورائيت (Surrealism)يا حقيقت کان دوري چيو وڃي ٿو.“-8

هنن ٻنهي ڪهاڻين جو جائزو وٺنداسين تہ ”ڪارو رنگ“ ڪهاڻي اهڙيءَ چوڪريءَ جي آهي جيڪا رنگ جي ڪاري آهي ، ليڪ ان جي بدصورتي مان خوبصورتي جو پهلو اڀاري ٿو.

” هوءَ رنگ جي ڪاري هئي جڻ تئي جي پٺ ڏٺي ، جڏهن وهنجي سهنجي منهن کي ڪريم لائي نڪرندي هئي تہ ان آس ۾ رهجي ويندي هئي تہ هن جو منهن ڀهڪندو نظر ايندو هوندو.“ -9

” مان جڏهن هن کي ڏسندو هوس تہ ائين محسوس ڪندو هوس تہ اسين صديون اڳ ڪٿي مليا هياسين ڪنهن ٻڙ جي درخت ۾ جهولا ٽنگهيل هيا جن ۾ اسان گڏجي جهوليو هو، ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي هڪ ٻئي جي پنيان ڊوڙيا هياسين، سندس وار هوا ۾ لهريا هوندا ، هن جو ڪارو رنگ چمڪندو نظر ايندو هو ۽ هوءَ مون کي خوبصورت لڳندي هئي بي حد حسين................“ -10

اهو شيخ اياز جو تخيل آهي ، جنهن ڪاري رنگ مان خوبصورتيءَ جا عڪس ڳولي ڪڍيا. هن ڪهاڻيءَ ۾ ماورائيت جو خاص عڪس ناهي پر ان جي مقابلي ۾ شيخ اياز جي ٻي ڪهاڻي ” شرابي“ فڪري لحاظ کان نهايت ئي پختي ۽ چرڪائيندڙ آهي . هن ڪهاڻيءَ ۾ سرريئلزم جي فن ۽ فڪر جو حسين امتزاج آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شرابي شخص جو ڪردار ڏيکاريل آهي .جنهن جون ٻہ دنيائون آهن، هڪ مدهوشيءَ واري زندگي جڏهن شراب واپرائي ٿو ۽ مدهوشيءَ ۾ رهي ٿو ٻي زندگي وراي هوش واري جنهن ۾ زندگي جا تلخ تجربا آهن. پهرين دنيا سندس موضوعي عڪس جي نمائندگي ڪري ٿي ، جڏهن تہ ٻي دنيا سندس معروضي رويي جي نمائندگي ڪري ٿي .هوش واري ڪيفيت ۾ جيڪي جذبا ، خيال، احساس ۽ سوچون ڪيس بي مقصد ۽ اجايا، وقت جو زيان، بدصورت، ۽ بدنما لڳن ٿا اهي ئي عڪس مدهوشيءَ واريءَ ڪيفيت ۾ ڪيس خوبصورت، دلڪش ۽ جمالي لڳن ٿا. سندس ڪهاڻي جي هن ٽڪري کي ڏسو:

” هو پيئندو هو تہ جيئندو هو تہ سندس زندگي موت ميڻ خاموش هوندي هئي............ شراب سندس جان ۾ عجيب جوش پيدا ڪندو هو . هو اٿي جهومندو هو سيٽون وڄائيندو هو . هوش ۾ ڪيس شاعرن کان نفرت هئي ، جي لفظن جي بازيگريءَ ۾ عمر وڃائي ڪڳيون هڻن تن سان محبت ڪيئن هوندي!! پر جڏهن هو پيئندو هو تڏهن ڪيس راڳ مان بيحد لطف ايندو هو. سندس روم روم ۾ راڳ جي لهر ڊوڙي ويندي هئي ............. هوش ۾ هن کي مصورن لاۂ ڌڪار هئي ، پلا ڇا رکيو آهي شفق جي رنگ ۾ ! پر جڏهن شراب جي چڪي چاڙهيندو هو تڏهن سندس دل ٽيندي هئي تہ وڃي سمنڊ جي ڪناري تي ڊوڙون پايان ، سج جي پوئين رنگ جي جهلڪ چني وٺان ، ڇولين کان جواني ۽ مستي کسي وٺان ، جهوليان ، لهرايان، ناچ ڪريان.“ -11

هين لفظن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ شيخ اياز هن ڪردار ذريعي پڙهندڙن کي اهو ٻڌائي ٿو تہ ٻن مختلف دنيائن جو سنگم هڪ ئي ماڻهو وٽ موجود آهي. هڪ ماڻهو ٻہ دنيائون جيئي ٿو ، سندس تخيل ۾ حقيقت ۽ خيال جي وٿي ختم ٿيو وڃي. يعني ظاهري دنيا جي وهنوار ۾ بيزاريت ۽ منفي خيال موجود آهن تہ لاشعور ۾ دنيا جي خوبصورتيءَ جو پهلو موجود آهي . اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ وجوديت جي زمري ۾ ڪجھ ڪهاڻيون ماورائي انداز ۾ لکيون ويون. جن ۾ ماڻڪ ، مشتاق شوري، نورگهلو، وغيره جون ڪجھ ڪهاڻيون شامل آهن، جڏهن بہ ڪهاڻيءَ ۾ لاشعوري ۽ شعوري عڪسن کي گڏي ، ڏنڏلا عڪس ۽ تصور جن جو ڪو بہ ربط يا ترتيب نہ هجي . مثال چنڊ جي خوبصورتي جو ذڪر ڪندي اوچتو اپڙڪا ۽ التين جي ڳالھ شروع ٿي وڃي ، ڪنهن جوان ناري جي انگن جي خوصورتي جي ذڪر ڪندي جنس جي ڪراهت جي ڳالھ شروع ڪري ڇڏي تہ اهو فني عمل ماورائيت جي خاني ۾ اچي ٿو. مشتاق احمد شوري جي ڪهاڻي ”من جي مونجھ ۽ ٻوساٽ“ ان حوالي سان پيش ڪري سگهجي ٿي . مدد علي سنڌي جي ڪهاڻي ”ڪنڌر“ جنهن ۾ هڪ ڪردار خود ڪلامي وسيلي پنهنجي ذهني حالت کي بيان ڪري ٿو. هن

ڪهاڻيءَ جو ڊڪشن ڪافڪا جي ميٽامورفسس وارن ٽڪرن تي مشتمل آهي .
تنهن کان پوءِ رزاق مهر جي ڪهاڻي ”سڪون ڪٿي آهي“ ۾ مرڪزي ڪردار داخلي پيڙا سبب بدتر واري ڪيفيت ۾ هڪ ئي وقت منهجيل شعوري ۽ لاشعوري سوچون ڪٺي جئي ٿو ، ماڻڪ جو ناوليٽ ”رچ ۾ پڙاڏا“ ۾ به سرريئلزم جا اهڃاڻ محسوس ڪري سگجهن ٿا. ناوليٽ جو اهم ڪردار زندگي جي بي معنويت ۽ بي مقصديت سبب ذهني انتشار جو شڪار آهي ۽ ٽٽل وجود ڪٺي پٽڪندي نظر اچي ٿو. نفسياتي طور هو پاڻ کي سماج ۾ اڻ ٺهڪندڙ محسوس ڪري ٿو . هن ناول جو اسلوب پڻ شعوري وهڪري وارو ۽ خود ڪلاميءَ وارو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ خيال بي ربط ، ۽ عڪس تخيلاتي ، منفي، منجهيل آهن. سنڌي ادب ۾ اخلاق انصاري اهڙو ليکڪ آهي جنهن جي ڪهاڻي ”مان ڪائنات آهيان“ سرريئلسٽ ادب ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي ، هن ڪهاڻي ۾ لاشعوري گڏيل عڪس تجريدي شڪل ۾ ظاهر ٿين ٿا . ڪوبہ سرو هٿ نٿو اچي ، نہ خيالن جو ڪو منطق آهي نہ ڳالهين ۽ واقعن ۾ ڪو ربط آهي نہ ڪهاڻي ۾ ڪا مقصديت آهي . جيڪو خيال جنهن وقت ليکڪ جي ذهن ۾ اڀريو ان کي بغير ڪنهن گرامر ۽ منطق جي لکي ڇڏيو. مثال طور هن جي ڪهاڻي ”مان ڪائنات آهيان“ مان هي ٽڪرو ڏسو:

” پياري جهرڪي ................... تون چون چون نہ ڪر ، منهجي مٽي تي هٿوڙا ٿا لڳن. ..................اڙي ڏسو نہ مڙي، هوءَ منهنجي پيين مٿان چڙهي سڄي ٻانهن تان گهمندي ڪن ۾ گهڙي ويئي آهي ..... امان ........... او................امان.......... تون جهرڪي تہ ناهين............. پوءِ ڪن ۾ نہ وڃ............. منهنجي پرسان ويهي ڳالهيون ڪر ............ هو بيڊ نمبر پنجين وارو رات مون کي زوري ڪري ويو ان جي تہ ................. اڙي جنهن گاريون ڏنم اهو تہ ٽيون ڏينهن مري ويو ...... سسٽر مون کي وٽندي آهي ، هوءَ ڪلندي آهي ڪاڪوس ڪرائيندي آهي. ڪاڪوس مان پئسا نڪرندا آهن .. چئي پئي جڏهن تون گهر ويندين ، اهي سڀ پئسا گڏائي ڪوڙ سارا ڏيندي مانءِ.....“ -12

جيڪڏهن سرريئلسٽ ادب جو تنقيدي مطالعو ڪجي تہ خبر پوندي تہ فني طور مصوري ، پيننٽنگ ۾ تہ ڪنهن حد تائين سرريئلزم قابل قبول آهي. . جنهن ۾ مختلف رنگ منهجيل عڪس تصويرن ۾ ڪونہ ڪو پيغام ڏسندڙن جي ذهن تائين پهچائين ٿا. پر ادب ۾ سرريئلزم کي ڪيئن پيش ڪجي اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڇو تہ سرريئلزم جو مطلب صرف تجريديت ناهي سرريئلزم ۾ بہ هڪ فڪري ربط آهي ، صرف سندس پيشڪش فني طور مختلف ضرور آهي ، پر چرئي جو ڏمچر ناهي . جديد نفسيات دانن انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪيو آهي تہ منجهيل ذهن، ڊپريشن جو شڪار ذهن لاشعوري خيالن جو شعور ۾ ايندڙ لاڳيتي سلسلي کي

روڪي نہ سگھندو آهي ، پر انهن خيالن جو ڪو نہ ڪو مقصد هوندو آهي ، اهو لاشعور جو سونامي هوندو آهي ، پر ادب ۾ شعوري وهڪرو صرف ماورائيت ناهي ماورائي ادب ۽ تجريديت ۾ فرق آهي .اچو تہ انهيءَ فرق کي سمجھون :

“Abstract art deals with expressing an idea or feeling in a non figurative way. Surrealism is a bit more complex. It largely deals with the ideas of psychology made popular by Sigmud Freud. Surrealism can best be summarized as anything which deals with the subconscious through the act of automatism. The surrealists were famous for depicting figurative paintings of their dreams. But surrealism is not limited to this, but the point of surrealism is to explore the subconscious mind.” -13

وري ٻيءَ جڳھہ تي لکيل آهي تہ :

Influenced by the theories of the pioneer of psychoanalysis, Sigmund Freud (German, 1856-1939), the images found in surrealist works are as confusing and startling as those of dreams. Surrealist works can have a realistic, though irrational style, precisely describing dreamlike fantasies, it could have a more abstract style, in surrealism writers invent spontaneous techniques, modeled upon the psychotherapeutic procedure of "free association" as a means to eliminate conscious control in order to express the workings of the unconscious mind, such as exquisite corpse. -14

انگريزي ادب جيئن ””Alice in wonder land ۽ ” “Matrix جنهن تي فلمون بہ ٺهي چڪيون آهن ماورائي خاني ۾ اچن ٿيون. تنهن ڪري اخلاق انصاري ”مان ڪائنات آهيان“ ڪهاڻي ۾ ماورائي زمان و مڪان جي بجاءِ نفسياتي مونجهاري کي پيش ڪيو آهي جنهن مان غير عقلي منطق ٺهي ٿو .جيڪو ڪنهن حد تائين ماورائي آهي ۽ شيخ اياز جي ڪهاڻي ”شرابي“ بہ ماورائيت جي خاني ۾ اچي ٿي .

سنڌي شاعريءَ ۾ ماورائي عڪس موجود آهن ، خاص طور سان جيڪي تجريدي نظم لکيا ويا آهن انهن ۾ ڪٿي ماورائي عڪس موجود آهن .

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ملڪ نديم جيڪو تجريدي نظم جو بادشاھہ هو، ان جي تجريدي نظمن ۾ ماورائي عڪس موجود آهن.

ڊاڪٽر ملڪ نديم جي تجريديت ۾ ماورائي عڪس ضرور موجود آهن پر اهي بي مقصد آهن بلڪ ڪٿي پڙهندڙ کي ڏاڍو ڇرڪائين ٿا. انساني سوچ کي جهنجهوڙين ٿا. سندس شاعريءَ جا ماورائي عڪس هڪ قسم جون علامتون ۽ تشبيهون بنجي نئون اسلوب قائم ڪن ٿيون مثال لاءِ هيءُ نظم ڏسو:

تنهنجي منهنجي ڏرتيءَ کي

110 ڊگري ٽائيفائيڊ جو بخار آهي
تنهنجو منهنجو وطن مليريا ۾ ورتل آهي
پنهنجيءَ ماءُ جي لولي کي
ڊپريشن ٿي پيو آهي
پنهنجا سالار ۽ سرواڻ
سازشن جي ميڊيڪل اسٽورن تان
انجيڪشنون ۽ گوريون وٺڻ ويا آهن. -15

مٿئين نظم ۾ جتي ڌرتيءَ کي ٽائيفائيڊ ٿيڻ ماءُ جي لوليءَ کي ڊپريشن ٿيڻ وطن کي مليريا ٿيڻ ۽ سازشن جي ميڊيڪل اسٽور جهڙا عڪس فني لحاظ کان ماورائيت جي نمائندگي ڪن ٿا اتي فڪري حوالي کان هن نظم ۾ وطن پرستيءَ جي احساس کي ضربجندي ڏيکاريو ويو آهي، ڪهڙيءَ ريت موجوده سياسي وايو منڊل ۾ ذاتي مفادن کي اڳواڻ ڌرتي کي اڌوهيءَ جيان کائي کوکلو ڪري رهيا آهن. ان ۾ ان احساس جي خوبصورت عڪاسي پر ماورائي انداز ۾ ملي ٿي. هڪ ٻيو نظم ڏسون ٿا:

جنهن بـ بيروزگار نوجوان جي
هڪ ڪيسي ۾ وڏيري جو پونڊو
۽ ٻئي ۾ گار آهي
ان کي پهرين کان پندرنهن گريڊ جي نوڪري تائين نوڪري
ملي سگهي ٿي
جنهن پڙهيل ماڻهوءَ جي
فائيل ۾
ايم پي اي جون مڇون
۽ ٻي ۾ ايم اين اي جا جوتا آهن
ان کي revolving chair جو
چسڪو ملي سگهي ٿو -16

ملڪ نديم ڏاڏو ٻي باڪ ، ۽ ڪرو شاعر هو ، هن وٽ منافقي ناهي ، جهڙي طرح هن ماورائي علامتو پيش ڪيون اهي رڳو ذهن جو فطور نـ هيون نـ وري رڳو وڪريل لاشعوري خيال آهن پر سماج جي حقيقت آهن . فائل ۾ مڇون، ڪيسي ۾ پونڊا ۽ جوتا ، ماورائيت جا عڪس آهن.

هڪ ٻيو نظم ڏسو:
ٻير جي وڻ مان
بسڪوٽ پٽي آءُ

ٿوهر جي ٻوٽي مان ٻبل روٽي
روح ڪاڙهي
مان چانهه ٺاهي آهي.
اڄ ته پٽ
نيرن ڪيون ۽
وڏيري جي بيگر تي هلون. -17

انسان پنهنجي نفسيات ۾ جڏهن دٻاءَ جو شڪار ٿيندو آهي ، ته سندس لاشعوري عڪس جيڪي وڪريل ۽ خوفناڪ هوندا آهن اهي شعور تي قابض ٿيڻ لڳندا آهن ۽ خاص طور سان جڏهن سماج ايترو بي ترتيب ۽ وڪريل هجي ته خود سماج ماورائي بنجي ويندو آهي جنهن جو ڪوبه سرو ڪنهن سري سان نه ملندو آهي. اهڙي صورت ملڪ نديم جي نظمن ۾ ملي ٿي.

ان ڪان پوءِ حسن درس جا ڪجهه نثري نظم به ماورائي عڪسن سان ڀرپور آهن مثال طور هڪ نظم ڏسو:

خانم گوگوش جي تصوير جي
فريم ۾
هڪ ملڪ بند آهي
جتي سرحدن ۾
جواني منع آهي
تاريخ جي سگريٽ کي
تيليءَ چميو ته
وقت دکي پيو
۽ هڪ ڏکهي ڪشش ۾
درد جو سُرمئي دونهون
هوا ۾ اڏرندو ويو
تون هڪ ڦُلي وانگي
پنهنجي قبر جي ايش ٽري ۾
بي معني تي ڇٽي پوندي.
گوگوش جي اکين ۾
هڪ ڪربلا ڇرڪ کائي جاڳي
اٿي
۽ خوابن جا حُسين
پنهنجي قتل جي بي واجبيءَ تي

هر يزيد موت
اورانگي
هن جي نين موسمن جا
نوان عنوان بنجي ويا
درد جي هن پراڻيءَ ڊنڍ تي
ڏيهه ۽ پرڏيهه پکي
جڏهن گڏجي اڏرندا
۽ چتي اس ۾ به
پکين جو به هڪ ڪڪر
ڊنڍ تي چانورو ٿيندو
ته ڪروڙين ڇوڪرا ۽
ڇوڪريون
جوانيءَ جي ڏاريءَ تي
زندگيءَ جي چيلهه ۾ ٻانهون
وجهي
مسلسل ٿڪ ڏيندا
۽ انهن ٿڪن ۾
گوگوش سدائين جوان رهندي. -18

مٿين نظم ۾ تاريخ جو سگريٽ، وقت جو دکي پوڻ، درد جو سرمئي دونهون، قبر جي ايش ٽري، اکين ۾ ڪربلا، جوانيءَ جي ڏاري ، زندگي جي چيلهه جهڙا عڪس ماورائي آهن. حسن درس جي ان نظم کي جي پينٽنگ جي شڪل ڏني وڃي ته ماورائي پينٽنگ جو حسين شاهڪار ٿي پوندو .

چندر ڪيسواڻي جي ڳڻپ پڻ جديد شاعرن ۾ ٿئي ٿي. سندس نثري نظمن جو مجموعو ”زندگي خواب خودڪشي“ آهي هن جي ڪجهه نثري نظمن ۾ به ماورائيت جا عڪس ملن ٿا . سندس نظم گرهڻ 90 خاص طور سان ماورائيت ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

**گرهڻ 90**

4 آگسٽ جي شام
ائين ترميم جي
آئيني گرهڻ
سج تي ڊڪ رکيو
شڪر پڙيان جي جواري

ضابطن جون ٽوپيون
اکيون
وري پڙ ڪٽيو
اڌيءَ رات جا گدڙ
آئين جي ڊسٽ بن ۾ رکيل
ووٽ جي پرچي سان
ريپ ڪري
قانون جي ونگار
وهن ٿا
ريس ڪورس جي ڊوڙ
وارا گهوڙا
مقدس قسم جي آڙ ۾
لتاڙين ٿا
ماڻهن جي ويساهه کي
اسٽنبل ۾ رکيل
رياستي نصاب
هٽڪار جي ور چڙهي
ويو آهي
آرڊينينس جي پوک
اسان جي بک کي
آٿت ڏيئي ٿي. -19

هن نظم ۾ چندر مختلف تجريدي ۽ ماورائي عڪس پيش ڪيا آهن جهڙوڪ آئيني گرهڻ جو سج تي ٻڪ، ووٽ جي پرچي سان ريپ، آرڊينينس جي پوک. وغيره

مجموعي طور سرريئلسٽ تحريڪ جا اثر سنڌي ادب تي موجود آهن . دنيا ۾ ڪجهه تحريڪون فڪري طور متعارف ٿيون ۽ ڪجهه وري فني طور متعارف ٿيون . جهڙيءَ طرح جديد سائنس ۽ فلسفي ادب کي متاثر ڪيو بلڪل اهڙيءَ طرح جديد نفسيات به ادب کي متاثر ڪيو، ماورائي تحريڪ يا سرريئلزم به انهن مان هڪ آهي، جيڪا فني وڌيڪ ۽ فڪري گهٽ آهي .

## حوالا:


1. Advanced learner's oxford dictionary , oxford university press Walton. Street oxford ox2 6dp 4th edition 1989, page 1295.
2. Webster's new world dictionary, 3rd edition Macmillan simon & Schuster, inc , USA page 1348
3. The new Encyclopedia Britannica vol 15th edition, the university of Chicago 1974 -1988 page 412
4. www.tcf.ua.edu/classes/....surManifesto/Manifesto surrealism .htm 13-08-2913 time 11.00 am
5. C.W.E, Bigsby, Dada & surrealism, BARNES and Noble by Methum London 1972, p 3
6. www.tef.ua.edu/classes/Jbutler/T340/SurMenifesto of surrealisim.htm

7. گوپي چند ڊاڪٽر، اردو ڪي نثري داستانين ، انجمن ترقي اردو پاڪستان. 1954ع، ص: 49

8. شيخ اياز "سفيد وحشي" جنتا پرنٽنگ ورڪس فريئر روڊ ڪراچي 1947ع

9. ساڳيو

10 ساڳيو ص 13 کان 14

11. شيخ اياز "سفيد وحشي" جنتا پرنٽنگ ورڪس فريئر روڊ ڪراچي 1947ع، ص: 57 کان 58

12. اخلاق انصاري "مان ڪائنات آهيان" ڪنول پبليڪيشن قمبر 2003ع، ص: 125.

.13 http://answers.yahoo.com/question/index?qid=20080112193733AAErvjn time 10 am date 11008-201 3

.14 http://answers.yahoo.com/question/index?qid=20080112193733AAErvjn time 10 AM date 11-08-2013

15. ملڪ نديم ڊاڪٽر "منهنجي جواني ڪنهن به موسم نہ چورائي" ڊاڪٽر ملڪ نديم اڪيڊمي خيرپور ڪنڊڪوٽ 2010ع، ص: 94

16. سهڙيندڙ چانڊيو مظفر "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" نظم حسن درس سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992 ع، ص: 151 کان 152

17. چندر ڪيسواڻي "زندگي خواب ۽ خودڪشي" سچيت اڪيڊمي ڪراچي 1989ع، ص: 62 کان 63